انور پرديسي*

# روحل فقير جي شاعريءَجو فڪري اڀياس

1726ع_1804ع

# A philosophical Study of Roohal Fakir"s Poetry (1726-1804)


## ABSTRACT:

It is not exaggeration to say that Sindhi is the soil of Sufis. This land has been honoured with the watering of philosophical and mystic thought.Every where and in every corner of the land,there are many great sufis silently sleeping in their graves.There are many Sufis here who have tried their best to enhance the glory of this land.There are signs of the land like bravery, generosity, meekness, love and affection.Therefore, this land attracted many saints who came here from different parts and they stayed bog space forever and transferred spiritual relations.

Sindh is the sole land which greatly contributed to philosophical thought which have paved the way for peace and brotherhood.From such sort of the Sufis,Roohal Fakir is one of them.He was born in home of Shahoo Fakir near Amr-kot which is popularly called RoohalWai or Roohal jo bhit .He was fakir by temper and he has spent most part of his life in the state of fakir.Therefore, he visited many parts of Sindh and Hind and he contributed pleasure and knowledge to the crowd at great scale.That is why ,he is famous and spiritually present in every section of society without any discrimination.


سنڌ جي سرزمين کي صوفين جي سرزمين چيو ويندو آهي. هن ڌرتيءَ تي تصوف جي فڪر جي جيتري آبياري ٿي آهي، شايد اهڙو شرف ڪنهن ڌرتيءَ کي مليو هجي. هن ڌرتيءَ جي ڪنهن بہ ڪُنڊ تي نگاهہ ڦيرايو اوهان کي هر ڪُنڊ تي ڪو نہ ڪو تصوف جي ڪنهن نہ ڪنهن فڪر سان وابستہ ڪا نہ ڪا شخصيت ڌرتيءَ جي هنج ۾ آرامي نظر ايندي. هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ مان ڪيترائي ئي اهڙا انسان جنم وٺندا رهيا آهن، جن پنهنجي پنهنجي وقت ۾ هن ڀونءِ جي آن، مان، شان لاءِ پنهنجي زندگيءَ جي حَسين پَلن کي قربان ڪري ڇڏيو هوندو. بهادري، شجاعت، سخاوت، نهٺائي، پيار، پريت جا قصا هن ڌرتيءَ جا اُهڃاڻ ۽ علامتون آهن.ڪيترائي بزرگ پنهنجي علمي اُڃ اُجهائڻ خاطر هن سون ورنيءَ ڌرتي تي ڪَهي آيا آهن. جن پوءِ هن ئي ڌرتيءَ کي پنهنجو مسڪن بڻائي، روحاني رمزون پنهنجي عوام تائين پهچايون. سنڌ دنيا جو اهو واحد خطو آهي، جنهن جي سيني مان ڪي ئي فڪر جا سلا نڪري نروار ٿيا آهن.

* پي ايڇ-ڊي اسڪالر، ليڪچرر، گورنمينٽ سپيريرسائنس ڪاليج، خيرپور

جن دنيا کي امن ۽ پائيچاري جا گس گهڙي ڏنا آهن. انهن ئي هردلعزيز شخصيتن منجهان روحل فقير به هڪ آهي. هي بزرگ هستي امر ڪوٽ جي پر سان، شاهو فقير جي گهر ۾ 1726ع ۾ تولد ٿيو.اها جاءِ اڄ تائين ”روحل واءِ“ يا ”روحل جي پٽ“ جي نالي سان مشهور آهي. روحل فقيري مزاج جو ماڻهو هو، هن جي زندگيءَ جو گهڻو عرصو سير وَ سفر ڪندي گذريو آهي.هِند ۽ سنڌ جا ڪيترائي علائقا هن پيرين پيادو گهميا آهن. جتي به سندس پڙلاءُ ٿيو اتي ماڻهن جو هجوم اچي ڪٺي ٿيندو هو ۽ روحل فقير جي علم مان فيضياب ٿيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هند ۽ سنڌ جي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن ۾ هو هڪ جهڙو مقبول آهي.

**روحل فقير جي جنم جو هنڌ:**

روحل فقير جا وڏا اصل پنجاب جي علائقي ساهيوال جا هئا، جتان لڏي امر ڪوٽ کان ڪجهه مفاصلي تي هڪ وڏيءَ پٽ تي پکا اڏي اچي آباد ٿيا. جتي اسان جي روحل فقير جو جنم ٿيو. پر سنڌي ادب جا ڪجهه تحقيق نگار ان راءِ جا به آهن ته، روحل فقير پنهنجي اهل عيال سان پنجاب مان لڏي آيو هو. پر حقيقت ان جي برعڪس آهي، روحل فقير جا وڏا ساهيوال مان لڏي آيا آهن ۽ روحل فقير امر ڪوٽ سنڌ ۾ ڄائو هو. جتي هن جو ننڍ پڻ گذريو ۽ تعليم تربيت ٿي. ڇاڪاڻ جو هن جي شاعريءَ منجهان ٿري لب وَ لهجو نمايان نظر اچي ٿو.ڪلهوڙن جي دربار جي نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ هن ڪيترن ئي علائقن جا سير وسفر ڪيا، روحاني منزلون ماڻيون ۽ مشاهدا ڪيا. ان کان پوءِ هن پنهنجي مرشد جي اشاري سان امر ڪوٽ کي الوداع چئي اچي ڪنڊڙيءَ جي بنجر زمين تي پکا اڏيا. جيڪي اڄ تائين آباد آهن ۽ انهيءَ جاءِ تي هر سال ۽ هر وقت عقيدت مندن جو ميلو متل رهندو آهي.

”فقير صاحب جو اصل وطن ٿر هو. هو عمر ڪوٽ جي پر سان ڪنهن پٽ جو رهندڙ هو. ريگستان جي زمين تي ڄائو، گولاڙن ۽ گگرين ۾ پلجي وڏو ٿيو.“(1)

سنڌ جي اڪثر بزرگ هستين جي ننڍپڻ جو احوال، تعليم ۽ تربيت وارو باب ڏرتيءَ جي دز ۾ لٽيل ۽ تاريڪ نظر ايندو آهي. هنن جي ابتدائي زندگيءَ متعلق انومانن ۽ اندازن مان ڪم ورتو ويندو آهي. ساڳي ڳالهه روحل فقير سان به لاڳو آهي، سندس زندگيءَ تي هيل تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي، سا به اڌوري آهي. شاهو فقير کي الله سائين ٽن پٽن جي اولاد عطا ڪئي هئي، وڏي پٽ جو نالو سلطان ۽ ننڍي پٽ جو نالو ميوو فقير هوس، روحل فقير پنهنجي ذات ۽

فقيريءَ جي ڪري سنڌ ۽ هند ۾ وڏو نالو ڪمايو سو بيو نمبر هو. جيئن متي ڄاڻايل آهي تہ روحل فقير جي تعليم متعلق اندازا ئي لڳائي سگهجن ٿا تہ هو ڪهڙي مڪتب ۾ پڙهيو استاد ڪير هئس، پر ان ڳوڻ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هو وڏو ڄاڻو ماڻهو ۽ ان دور جو وڏو پڙهيل لکيل انسان هو. اهو اندازو سندس ڪلام مان لڳائي سگهجي ٿو، جو ڪلام پڙهڻ ڪان پوءِ اها پروڙ پئي ٿي تہ روحل فقير سنڌي، هندي، فارسي، ماڙواڙي سان گڏو گڏ عربي جي علم جو بہ ماهر هو. اهڙي ساک سندس ڪلام منجهان نروار نظر اچي ٿي. ڇاڪاڻ جو امر ڪوٽ ڪان جيسلمير، جهونا ڳڙهہ، بيڪانير رياستون ويجهيون هيون تنهن ڪري روحل فقير مقامي ٻولين سان گڏ هنديءَ تي بہ عبور حاصل ڪيو، جو پاڻ هندي ۾ تمام گهڻي شاعري ڪيائون.

”شاهو فقير کي ٽي پٽ هئا، وڏي جو نالو، سلطان ۽ ننڍي پٽ جو نالو ميوو هو، روحل فقير وچون هو. روحل فقير جو ننڍپڻ ڪيئن گذريو ۽ هن ڪهڙي تعليم حاصل ڪئي، سي حالات تاريڪيءَ ۾ آهن، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي، تہ سندس تعليم سٺي نموني ٿي، سندس ڪلام جي پختگيءَ ۽ روانيءَ کي ڏسي، يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ، کيس سنڌيءَ سان گڏ، فارسي، عربيءَ جي بہ چڱي لياقت هئي. جيئن تہ ٿر جي حصي جو رخ جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن ڏي آهي، جتي هنديءَ جو زياده رواج هو. فقير صاحب هنديءَ کي بہ حاصل ڪري ورتو هو. هنديءَ تي ڪافي عبور حاصل هوس. جيئن اسان کي هنديءَ جي تصنيفات مان نظر اچي ٿو.“(2)

روحل فقير گهمڻ ڦرڻ جو وڏو شوقين هو، هن سنڌ سان گڏ هند جا بہ ڪيترائي علائقا گهميا ۽ مشاهدا ماڻيا. هن جي بزرگي ۽ علم جي هاڪ هنڌين ماڳين مشهور هئي، ڪيترن جي من جي ميراڻ ڏوتائين ۽ ماڻهن کي روحاني رازن سان روشناس ڪرايائين جنهن ۾ جوڌ پور جو راجا بجيہ سنگھ بہ شامل آهي. جنهن جي من جي شانتيءَ لاءِ تصوف جي فڪر تي هنديءَ ۾ هڪ ڪتاب ”آگم وارتا“ بہ تصنيف ڪري ان کي ڏنائين. ان سير سپاٽن دوران روحل فقير جي حلقي ۾ ڪيترائي رمتہ جوڳي شامل ٿي ويا جن کي وقت بہ وقت گيان جي گودڙين مان اَملهہ علم جي موتين سان مالا مال ڪندو رهندو هو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين انهن رمتہ جوڳين جي اولاد سندس درگاهہ سان سلهاڙيل آهي. نہ صرف ايترو پر ڪنڊڙيءَ جي ڪلتار جي پر سان جوڳين جو اڄ تائين ڳوٺ آباد آهي.

”روحل پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو سير وسياحت ۾ گذاريو. جوڌ پور ۽ بيڪانير جي علائقن جو هن خوب سير ڪيو، جنهن جاءِ تي پهتو ٿئي، اتي

سندس روحاني فيض کان سوين ماڻهو پئي سيراب ٿيا. پنهنجي مريدن ڪي اڪثر جوڳ جو پاڪر ڏيندو هو. ان ڪري جوڳي فقير سندس ارادتمندن ۾ داخل آهن. هن سير وسفر جي سلسلي ۾ ، سندس ملاقات جوڌ پور جي راجا بجيہ سنگهہ سان بہ ٿي. فقير صاحب ڪجهہ وقت جوڌپور ۾ رهي، راجا ڪي صوفيانہ مسلڪ کان واقف ڪرڻ لاءِ پنهنجي تصنيف ”آگم وارتا“ رچي، جنهن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو هندو ڌرم ۽ ويدانت جي هر نڪتي کي پوريءَ طرح ڄاڻندو هو. سندس هن روحاني ڪمال کي ڏسي، راجہ سندس معتقدن ۾ شامل ٿي ويو. هن مٿس زور ڀريو تہ اتي ئي رهي پوي. مگر هن مستقبل سڪونت اختيار ڪرڻ اجان پسند نہ ٿي ڪئي.“(3)

روحل جي ڪلام ۾ تصوف جون تجليون نظر اچن ٿيون، هن جي ڪلام جو گهڻو حصو ان فڪر سان پيوند ٿيندي نظر اچي ٿو.
جيئن هن بيت مان توحيد جي تنوار نظر اچي ٿي.

جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ، اٿئي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪڍ قلوب مان، مدائيءَ جو ماڻ،
پري نهارڻ، پرکي، سندو جڻن ڄاڻ،
نت سائين تون هي ساڻ، راتيان ڏينهان ”روحل“ چوي.“

(4)

انسان جڏهن پنهنجي هستيءَ کي سڃاڻي ٿو ۽ پنهنجي قلب مان ڪُدورت، ڪيني، حسد، بغض کي ڪڍي ڦٽو ٿو ڪري تہ صرف ان حقيقي مالڪ جو ئي مظهر پسي ٿو. جنهن جي حڪم سان قطري مان درياهہ ۽ سمنڊ بڻجي پون ٿا.

”فقير صاحب جي ڪلام ۾ ، اڪثريت ان فڪر ۽ اجتهاد جي آهي، جنهن ۾ هن صوفيءَ جي مسلڪ کي نمايان طور پيش ڪيو آهي. هن توحيد جي اهم مسئلي کي وڏي اهميت ڏني آهي، جو سندس ڪلام جو جوهر چئجي تہ بہ روا آهي. توحيد جي معنيٰ آهي ”هيڪڙائي“ يعني خلقڻهار جي هيڪلائيءَ جي قبوليت. صوفي جيئن تہ پنهنجي ذات جو تعلق فقط خدا وند تعاليٰ سان ڳنڍيل رکي ٿو.“(5)

روحل فقير، فقيري رنگ ۾ اهڙو رڱجي چڪو هو، جو هن کي هر جاءِ پرينءَ جو پاڇو نظر اچي رهيو هو. حق جا سالڪ جڏهن ان منزل تي رسندا آهن تہ حق سان هڪ ٿي ويندا آهن. هنن کي هر منظر ۽ هر صورت ۾ جانب جي جمال جي هستيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر ناهي ايندو. فقيرن جي هن جُوني جڳ سان لڳي ئي نہ هو تہ حقيقي مالڪ جي محبت ۾ اهڙا تہ رڱجي ويا آهن جو هن

بي بقا دنيا ۾ هنن جو ارواح ئي ڪجي ويو. اهڙي ثابتي روحل جي هن شعر مان ملي ٿي.

جي لڳو آهين تان لڳ، پريان سندي پيچري،
من مؤن محبوبن جو، صحيح سڃاڻج سڳُ،
ڇڏي جُونئو جَڳُ، وجي ”روحل“ رچج رنگ ۾.“

(6)

هي اهو ئي پيچرو آهي، جنهن جي ڳولا حق جي طالب کي هميشہ رهي آهي. روحل فقير مٿين شعر ۾ حقيقي محبوب تائين پهچڻ جو ڏس پتو ڏنو آهي تہ پنهنجي من ۾ جهاتي پائي ڏس تہ توکي سڪ جو سڳو سَڳ سميت ملندو. هن دنيا جي دلفريبين ۾ فقير کي نہ قاسڻ گهرجي.

”روحل فقير صوفي شاعر هو. فقيري سندس مزاج ۾ سمايل هئي. پاڻ فقير واري اهميت کان چڱيءَ طرح واقف هو. فقير لفظ جي وَصف صوفي سالڪن پنهنجي پنهجي خيال آهر بيان ڪئي آهي.

ف: سان فڪر ۾ رهڻ،

ق: سان قرب الاهي حاصل ڪرڻ،

ي: سان الله جي ياريءَ جو طلبگار هجڻ،

ر: سان رياضت ڪرڻ،

روحل فقير انهيءَ فلسفي جو پيروڪار رهيو.“(7)

تاريخي تذڪرن ۾ ڄاڻايل آهي تہ روحل فقير ڪلهوڙن جي دربار ۾ بادشاهي توشي خاني جو نگهبان هو. پر گهڻو وقت اتي رهي نہ سگهيو، ڇاڪاڻ جو هن جي روح کي فقيري رنگ چڙهي چڪو هو. دربار جي ڪيترن ڪارندن هن تي زور پريو تہ هو ايماندار ملازم آهي، هن جي من ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا دغا ۽ فريب وارو عنصر نظر نہ پيو اچي. تنهن ڪري پاڻ توشي خاني جي نوڪري تان استعيفا نہ ڏين، روحل فقير جو من پنهنجي حقيقي محبوب سان رَلجِي چڪو هو. هاڻ ان کي ڪٿي ٿو صبر اچي. آخر ڪار نوڪري کي خيرآباد چئي بي ثابت دنيا جي ڌنڌن کان پنهنجو انگ آجو ڪرايائين.

”سرڪار کان پري ٿيڻ بعد روحل فقير جي زندگيءَ ۾ وڏو انقلاب اچي ويو. اها لوڙ ۽ پيڙا فقير کي ننڍي لاڪون لڳل هئي. هُو دربار ۾ حڪومتي سڏارن جو خواهان هو، پنهنجي استعيفيٰ پيش ڪرڻ وقت ڪيس راضي ڪرڻ لاءِ زور بہ رکيو ويو، پر هن جي اندر ۾ دڪيل چٽنگ پڙڪو ڏئي ٻَري پئي هئي ۽ هن جي

من جو خيال اتي وجي بيٺو تہ، ”دنيا ڍونڍي تي طالب ڪتي.“ اهڙو اظهار پاڻ ئي هن طرح ڪيو اٿس.

دنيا ڍونڍي تي طالب ڪتي، سينا مل ڪر تاڻي،
هَڏي اتي هوڏ تنهان دي، وڙهندي عمر وهاڻي،
انڌيان عشق الله دا چوڙيا، پئي ولوڙن پاڻي،
روحل راهہ رباني ٻاجهون، ٻي سڀ ڪوڙ ڪهاڻي.“

(8)

”ڪنڊڙي شريف وارن صوفين جو سرچشمو روحل فقير ننڍپڻ ۾ ڪلهوڙن جي ملازمت ۾ گهڙيو، مگر پوءِ جلدي ئي دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي وڃي ميرانپور جهوڪ شريف ۾ رهيو. آخر مرشد وٽ مقبول ٿيو. وري مرشد جي هن ارشاد تي رخصت ورتائون تہ، ابا تنهنجي رهڻ جي جاءِ اها مقرر ڪريون ٿا، جتي تو کي خود بخود روڪ ٿئي! آخر ٿيو بہ ائين: هڪ هنڌ ڪنبرڙيءَ جي ڪنڊن ۾ ڦراڻ اٽڪي پيس ۽ اتي ئي رهي پيو، پوءِ تہ هن وٿاڻ تي ماڻهن جا ميلا لڳا، تان جو ڪنڊڙيءَ شريف خاص و عام جو زيارتگاهہ ٿي پيو، پاڻ هڪ هنڌ فرمائي ٿو.

”ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺوسين، رانجهو رمزن وارو يار!“(9)

مرشد جي حڪم سان ميرانپور جا ڪک ڇڏي، سڄي اهل وعيال سان مسافريون ڪري اچي ڪنڊڙيءَ جي زمين تي خيما کوڙيائون. زندگيءَ جا باقي ڏينهن ڪنڊڙيءَ ۾ رياضتون ڪندي گذاريائون، جتي پنهنجي عقيدتمندن جون گودڙيون دين ڌرم جي گيان سان پريندو رهيو. روحل فقير جي ڪري ڪنڊڙيءَ جهڙي ٻُٽ ٻٽيل علائقي کي دنيا ۾ وڏي پزيرائي ملي. اڄ ڪنڊڙيءَ دنيا جي هر ڪُنڊ ۾ امن، پيار محبت جو درس ڏيندڙ علائقي طور ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو.
”هو ڦريان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو ملازم هو، پر پوءِ فقيري اختيار ڪيائين ۽ اچي ڪنڊڙيءَ (لڳ روهڙي) ۾ وسايائين. وڏو عالم ۽ فاضل هو. سنڌي، هندي ۽ سرائڪي ۾ بلند پايہ شعر چيو اٿس. هنديءَ ۾ تہ سندس ڪافي منظوم تصنيفون آهن، جن مان ”من پر ٻود“، ”پريم گيان“ ۽ ”انڀو“ مشهور آهن. سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ سندس گهڻو شعر آهي. جيڪو بيتن، سہ حرفين ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. همہ اوست، وحدت ۽ ڪثرت، فنا ۽ بقا سندس شعر جو مضمون آهي، سندس نظريو آهي تہ هر هنڌ انهيءَ ذات جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. انهيءَ ڪري هندن کي مخاطب ٿي هدايت ڪري ٿو:

”جي پيپل ۾ پرميشر تہ، ٻٻر ۾ ڪو ٻيو“

اها نظر انهن کي حاصل ٿيندي، جيڪي پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائي پنهنجو پاڻ سجاڻيندا

پنهنجيون اکيون پاڻ ۾ ، جوڙي رکيون جن،
سَوَ سَوَ پيرا ساعت ۾، تا پلپل پرين پسن،
تن تحصيلون تمام ڪيون، محبت جن جي من،
روحل مٿان تن، لتا حرف حساب جا.

(10)

روحل فقير جو ڪلام الاهي اَسرارن سان ٽمٽار آهي. سندس ڪلام جي باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺبو ته اسان کي انسانيت سان پيار بغير ڪنهن مت ڀيد جي ملندو. ولين ۽ بزرگن جي اهڙي ڪلام جي ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اڄ جيڪا ميٺ محبت واري فضا نظر اچي ٿي، اها اسان جي انهن بزرگ هستين جي تعليمات جو اثر آهي.

روحل فقير پنهنجي شاعري ذريعي جيڪو پيغام ڏنو آهي. اهو عالم انسان جي بقا ۽ باهمي لاءِ انتهائي ضروري آهي. اندر ۾ عشق جي اُڃ ئي انسان کي حقيقي منزل تي رسائيندو آهي، روحل چوي ٿو ته ته جن کي اندر ۾ عشق آهي اتي غير گمان جي اچڻ جو ڪو به انديشو ناهي. فقيرن جو محبوب سان وصال ئي وحدت واري وائي ۾ نظر اچي ٿو. انهن کان ڏک ڏولاوا هميشه لاءِ پري ٿي ويندا آهن، جن جي من ۾ محبوب جو عڪس هوندو آهي.

”جن کي عشق اندر ۾ ، تن کي اُڃ نه بک،
وحدت منجهه وصال جي، تا سدا ماڻن سُک،
ڏور تنين کان ڏک، جي ”روحل“ رتا روح ۾.“ (11)

## حوالا:


1. ملاح، مختيار احمد، ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، (قديم دؤر کان اڄ تائين) ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽورز، ڇاپو، ٻيو، 2014ع. ص.31،32
2. بدوي، لطف الله، مرتب، ”ڪنڊڙي وارن جو ڪلام“، (روحل فقير ۽ مراد فقير) ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون، 2006ع. ص.11.
3. ساڳيو، ص.16.
4. ساڳيو، ص 19.
5. ساڳيو، ص 19.
6. ساڳيو، ص .96.
7. ساڳيو، ص .98.

8. ساڳيو، ص 472.
9. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، 2002ع.ص.81،82.
10. بدوي، لطف الله، مرتب: ”ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام“، (روحل فقير ۽ مراد فقير)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون، 2006ع. ص.66.